5

# مريادا

ليکراج ڪشنچند ’عزيز‘ سنڌي ۽ فارسيءَ جو ودوان هو. هي مضمون نويس به هو ته ناٽڪ نويس به هو، شاعر به هو ته نقاد به هو. ڪيس ’صراحي‘‘ ڪاويه سنگرهه تي ساهتيه اڪادميءَ انعام عطا ڪيو.
شاعر عزيز ’’مريادا‘‘ ڪوتا ۾ ڪيتريون ئي نصيحتون ڏنيون آهن. انسان کي دنيا روپي باغ ۾ گل وانگر ٽڙي ٻين کي فرحت ڏيڻ گهرجي. ٻين تي ديا ڪري، اُنهن جو ڏک دور ڪرڻ گهرجي. ماتا پتا ۽ وڏڙن جي شيوا ڪرڻ گهرجي. محنت کان منهن موڙڻ نه گهرجي..

پڙهو، ڳايو ۽ سمجهو.



گل ٻڻجي ٽي رهه ڪلمکه سپ سان
دنيا جي چمن ۾ خار نه ٿي،
غم لاهه سدا سِکه کهل ڪرڻ
ڪنهن لاءِ ڪڏهن آزار نه ٿي.
پيءُ ماءُ سندي نت خدمت ڪر
ٿَئي وات سواٿائيءَ جي اِها.
جن نازن سان ڪيئه پالي وڏو،
تن ساڻ، سامهون ڪنهن پار نه ٿي.
ري علم، هنر سنسار ۾ ڪا
ڪنهنجي نه ڪڏهن ٿئي عزت ٿي،
پڙهه علم وري سکه تنهن سان هنر،
بي علم نه ٿي بيڪار نه ٿي.
پورهئي کي نه ڄاڻج عيب ڪڏهن
محنت کان نه مڙندا مرد هڏهن،
ڪاراءِ بکين بيواهن کي،
پر پاڻ ڪڏهن پينار نه ٿي.
دل ديس جي هرهڪ چيز سان رکه
فرزند وطن جو ٻڻج سچو،
ڪج قوم تان پنهنجي جان فدا،
ديسيُن سان ڦري غدار نه ٿي.
پاڙي جو سڃاڻج ننگه سدا،
ڄاڻج تون اُنهنکي پنهنجو عزيز،
هيءَ منهنجي نصيحت دل سان وٺج،
دنيا ۾ خراب ۽ خوار نه ٿي



## نوان لفظ ۽ اصطلاح

| | | |
|---|---|---|
| خار - ڪندو | آزار - مصيبت | سواتائي - فائدو |
| پينار - پنندڙ | فرزند - پٽ، سپٽر | فدا - قربان |
| غدار - ديش دروهه | کهل ڪرڻ - ديا ڪرڻ | ننگ - عزت |
| هڏهن - هرگز، بلڪل | | |

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين جا جواب هڪ ٻن جملن ۾ لکو.**

١) وطن لاءِ اَسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

٢) بي علم اِنسان جي ڪهڙي حالت ٿئي ٿي؟

**سوال.٢. هيٺين جا ٿوري ۾ جواب لکو.**

١) شاعر مرياداڪوتا ۾ ڪهڙيون سکيائون ڏنيون آهن؟

**سوال.٣. (الف) هيٺين جا جوڙا ملايو.**

| | |
|---|---|
| (1) ڳل ٻڌجي ٿي رهه | (i) نت خدمت ڪر |
| (2) پيءُ ماءُ سندي | (ii) ننگ سدا |
| (3) پاڙي جو سڃاڻج | (iii) مڙندا مرد هڏهن |
| (4) محنت ڪان نه | (iv) ڪلمڪ سپ سان |

**(ب) هيٺ ڏنل لفظن جا ضد لکو.**

ڳل، ديش، ڪلمڪ، بيڪار، خراب

**(ث) هيٺ ڏنل سٽون چٽيءَ ريت سمجهايو.**

١) پيءُ ماءُ سَندي نت خدمت ڪر،
ٿئي وات سواتائيءَ جي اِها

٢) جن نازن سان ڪيئہ پالي وڏو،
تن ساڻ، سامهون ڪنهن پار نہ ٿي.

## پورڪ اَڀياس

**(ا) شعر - بند تي عملي ڪاريہ.**

ڳُل ٻڌجي ................... ڪڏهن پينار نہ ٿي.

**١) سٽن مان مناسب لفظ ڪڍي هينيان خال ڀريو.**

١. دنيا ۾ اسانکي ڳل ٻڌجي سپ سان ................. تي وهنوار ڪرڻ گهرجي.

٢. اَسان کي ................. نہ ٻڌجي غريبن جي ٻڪہ دور ڪرڻ گهرجي.

٣. علم سان ................... جو هئڻ ضروري آهي.

٤. اَسان کي پنهنجن وڏن جي ................. ڪرڻ گهرجي.

NJN25K

٢) هينين ستن کي دُرست ڪري لکو.
(الف) علم پڙهڻ سان گڏ تقرير بازي سکڻ گُهرجي.
(ب) غم چڏي اَسان کي علم سکڻ گهرجي.

٣) ذنل مثالن موجب چوڪندي مان اُهي لفظ ڳولهيو جن ۾ ’بي‘ اڳياڙي لڳائي لفظ تيار ڪري سگهجن ٿا.

علم - بي علم ڪار - بيڪار

ڪلمڪ، آزار، وات، حاضر، اَنت، هنر، اَثر، غم، واهه، عزت



## موڄ مستي



### ١. پروليون سليو



١. ڪارو ڪارو رنگ اَٿس
توسان مون سان سنگ اَٿس
ڪڏهن ننڍو آ تہ ڪڏهن وڏو آ
بلڪل گونگو، صفا جڏو آ

٢. هن چوڪر جو پيءُ آهه
منهنجي پيءُ جو پُٽ
مونکي ڀاءُ نہ آهه ڪو
سمجهايو هيءُ سِٽ



٣. وڻ تي آهي، پنڇي ناهي
ڏاڙهي آهي، قاضي ناهي
پاٽي چلڪي، برتن ناهي
جمڻ مرڻ تي گهربل آهي

### ٢. اَچو تہ کِلون



١) گراهڪ : (دڪاندار کي) توهانجي دڪان ۾ رکيل جوتا ڪيترو مظبوط جٽاءُ ڪندڙ آهن، اُن جي ڪهڙي گئرنٽي آهي؟
دڪاندار : چا ٻڌايان‌ءِ. اَڄ تائين جيڪو بہ گراهڪ هڪ دفعو جوتا خريد ڪري ويو آهي اُهو واپس ٻيون دفعو آيو ئي ڪونهي! اِها ڪا گهٽ گئرنٽي آهي؟

٢) رميش : (پيءُ کي) اَڄ ڪلاس ۾ ماسٽر صاحب جي سوال جو جواب صرف مون ٻڌايو، ٻئي ڪنهن بہ ڪونہ ٻڌايو.
پيءُ : سوال ڪهڙو هو؟
رميش : ماسٽر صاحب پڇيو تہ دريءَ جو شيشو ڪنهن ڀڳو آهي؟





٣) پيءُ : (پُٽ کي) راجو، تون گهر ۾ هيتري دير ڪان مرغو ڇو ٿيو بيٺو آهين؟
پٽ : پپا، توهان ئي چوندا آهيو تہ جيڪو ڪم اِسڪول ۾ ڪري اَچين، سو واپس گهر ۾ ڪري ڏسندو ڪر.

● اَڌياپڪ شاگردن کي ٻيا چرچا ٻڌائڻ ۽ پروليون پڇڻ لاءِ همٿائي.

٣. خميس ڳالهائي ٿي ........ اِن تي پنهنجا ويچار لکو.
٤. سنڌي ناچ - ’ڇيڄ ۽ جهومر‘ گروپ ناهي لُطف وٺو.
٥. توهانکي جيڪڏهن هڪ هفتي لاءِ پرڌان منتري مقرر ڪيو وڃي تہ ....... پورو ڪريو.
٦. پنهنجي جيون جا آزمودا (آپل / ٻُڌل قصا) گهڻتائون ٻڌايو.
٧. ڪلاس ۾ سنڌي / هندي گيت ڳائي ٻڌايو.







